# ڪلمي شريف جون برڪتون

## 18-May-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

18 مئي، 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# كلمي شريف جون بركتون

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪلمي شريف جو ورد ڪرايو
- ... ڪلمي شريف جا مختلف نالا
- ... ڪلمو شريف جنت جي چابي آهي
- ... اُحد جبل جيترو ثواب
- ... ڪلمي شريف جو ثواب بخشڻ جي برڪت

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

فَقِيْهُ الْعَصْر[1]حضرت علّامہ مفتي محمد اَمين صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جنهن درودِ پاڪ جي فضيلت تي مشهور زمانہ ڪتاب آبِ ڪوثر لکي آهي، پاڻ فرمائن ٿا: هڪ پيري پيپلز ڪالوني (فيصل آباد، پنجاب) ڪان هڪ سيد صاحب جنهن جو نالو سيد رياض هو، هو مون وٽ آيو ۽ چيائين: منهنجو ڪاروبار هو، سڄو ختم ٿي ويو، هاڻي مون تي لکين روپيہ قرض آهي، ڏاڍو پريشان آهيان، ڪجهه حل ٻڌايو!

مفتي امين صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون شاهه صاحب کي درود پاڪ تي لکيل ڪتاب آبِ ڪوثر عطا ڪئي ۽ چيو: شاهه صاحب!اوهان هي ڪتاب پڙهو ۽ هن جي مطابق عمل ڪيو!ان جي برڪت سان اوهان جا ڪيئي مسئلا حل ٿي ويندا.
شاهه صاحب ڪتاب ورتو ۽ هليو ويو پوءِ تقريبًا ڇهن مهينن ڪان بعد وري تشريف ڪٺي آيا، هن پيري ڏاڍو خوش هو، چهري تي رونق هئي، شاهه صاحب وڏي خوشي سان ٻڌايو تہ منهنجي ذمي 7 لک قرض هو، الحمد لله هاڻي صرف ڏيڍ لک رهجي ويو آهي.

هي قرض ڪيئن لٿو! ان جي تفصيل ٻڌائيندي فرمايائين: ٿيو ائين جو مون آبِ ڪوثر پڙهي، ان ۾ درودِ پاڪ جا فضائل پڙهي ڪري مون کي شوق پيدا ٿيو ۽ مون خوب محبت ۽ شوق سان درودِ پاڪ پڙهڻ شروع ڪيو. هيڏانهن اهي

---

[1] يعني پنهنجي وقت جا تمام وڏا عالم

ماڻهو جن کي قرض ڏيڻو هو، مون کي تنگ ڪري رهيا هئا هڪ ڏينهن مان درودِ پاڪ پڙهي دعا جي لاءِ ويٺس، جيئن ئي بارگاهِ الٰهي ۾ هٿ کنيا، پريشاني جي سبب مون تي رقت طاري ٿي وئي، مون روئي روئي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ دعا گهري.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! درودِ پاڪ جي برڪت ايئن ظاهر ٿي جو هڪ ڏينهن مون ايمان تازو ڪندڙ خواب ڏٺو، ڇا ٿو ڏسان ته مان ڪاٽي وڃي رهيو آهيان ۽ هڪ شخص سايي وانگر مون سان گڏ پيو هلي، هلندي هلندي مان هڪ جاءِ تي پهتس، تمام ڪليل ۽ هوادار جاءِ هئي، اتي هڪ نهايت حسين و جميل، نوراني چهري وارو بزرگ ويٺو هو، سامهون قرآنِ پاڪ کليل هو ۽ اهو قرآنِ مجيد جي تلاوت فرمائي رهيو هو. جيئن ئي مان اتي پهتس، ان بزرگ اک مبارڪ کڻي نهايت شفقت وچان هڪ نظر مون کي ڏٺو ۽ وري تلاوت شروع ڪري ڏني.

اهو شخص جيڪو سايي وانگر مون سان گڏ هلي رهيو هو، مون ان کان پڇيو: اهو بزرگ ڪير آهي؟ ان چيو: شاهه صاحب! هي ئي ته اهي حبيبِ خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهن جن تي اوهان درود پاڪ پڙهندا رهندا آهيو. ايترو ئي ڪرم ٿيو هو جو منهنجي اک کلي پئي.

بس مالڪ و مختارنبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ان هڪ ئي نظرِ عنايت جي برڪت آهي جو ڏسندي ئي ڏسندي منهنجو تقريبًا ساڍا 5 لک قرض لهي ويو.

مفتي اَمين صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اهو شاهه صاحب 14 ڏينهن کان بعد وري تشريف کڻي آيو ۽ ٻڌايائون ته الحمدﷲ! مون کي هاڻي بهترين ملازمت به ملي وئي آهي.[1]

| کیاخُدا داد آپ کی اِمداد ہے | اِک نظر میں شاد ہر ناشاد ہے[2] |
| --- | --- |

[1] ... البرهان، صفحه:321- 323 بتغير قليل

[2] ...ذوقِ نعت،صفحه:222۔

۾ سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه به ڪيترو نه بهترين عرض ڪن ٿا:

قِسمَت میں لاکھ پیچ ہوں، سَو بَل، ہزار کَج | یہ ساری گُتھی اِک تری سیدھی نظر کی ہے[1]

وضاحت: يارسول الله صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! قسمت ۾ چاهي ڪيتريون ئي الجهنون ۽ پريشانيون لڪيل هجن، بس رڳو اوهان لطف و ڪرم جي هڪ سڌي نظر فرمايو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تقدير جون سڀ ڳنڍيون کُلي پونديون.

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! درود پاڪ انمول نعمت آهي، ان جي برڪت سان مشڪلاتون حل ٿينديون آهن، تنگدستي خوشحالي ۾ بدلجندي آهي، گناهه متجندا آهن، رحمتون ڇما ڇم وسنديون آهن ۽ هڪ اهم ترين فائدو اهو آهي ته درود پاڪ پڙهڻ واري جو درود سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ عاليشان ۾ پهچندو آهي، مالڪ ۽ مختار نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نظرِ عنايت به نصيب ٿيندي آهي ۽ آقا ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم چاهن ته پنهنجي غلامن کي ديدار جو جام به عطا فرمائيندا آهن.

الله پاڪ اسان کي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي پڻ ڪاش!جو درود پاڪ جي برڪت سان اسان کي محبوبِ خدا، سردار انبياء صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نظر ڪرم نصيب ٿي وڃي ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿي ويندو

پڑ گئی جس پہ محشر میں بخشا گیا | رُخ جدھر ہو گیا زِندگی پا گیا
جس طرف اُٹھ گئی دَم میں دَم آ گیا | اُس نگاہِ عنایت پہ لاکھوں سلام[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...حدائقِ بخشش،صفحه:227۔

[2]...حدائقِ بخشش،صفحه:300۔

# بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دوران سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آقا ﷺ ڪلمي طيّب جو ورد ڪرايو

صحابي رسول حضرت شداد بن اوس رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: اسان صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهم الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضر هئاسين، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان کان پڇيو: هَلْ فِيْكُمْ غَرِيْب يعني توهان ۾ ڪو اجنبي تہ ناهي(يعني هتي سيئي صحابہ ويٺا آهن، ڪو غير مسلم تہ ناهي ويٺو)؟ اسان عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ! اسان سيئي مسلمان ئي آهيون، ڪوبہ غير ناهي. رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: پوءِ دروازا بند ڪري ڇڏيو(جيئن تہ دروازا بند ڪيا ويا)، هاڻي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اِرْفَعُوْا اَيْدِيَكُمْ وَ قُوْلُوْا: لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ يعني هٿ مٿي کڻو ۽ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ پڙهڻ شروع ڪيو. حضرت شداد بن اوس رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: اسان سيني هٿ مٿي کنيا ۽ ڪلمي شريف: لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ جو ورد شروع ڪري ڏنو.

[1] مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

ڪجهه دير انهيءَ طرح ذڪرالله ڪرائڻ کان بعد مالڪِ جنت، قاسم نعمت صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ خوشخبري ڏيندي فرمايو: اَبۡشِرُوۡا فَاِنَّ اللہَ قَدۡ غَفَرَ لَکُمۡ توهان کي بشارت هجي بيشڪ الله پاڪ توهان کي بخشي ڇڏيو آهي.

وڏيڪ پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هيءَ به فرمايو: اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ! اي الله پاڪ! تو مونکي هي پاڪيزه ڪلمو ڏئي ڪري موڪليو، اُن کي پڙهڻ جو حڪم ڏنو ۽ ان تي جنت جو وعدو فرمايو ۽ بيشڪ تون وعده خلافي ناهين ڪندو.[1]

حَسۡبِیۡ رَبِّیۡ جس نے کہا، فیض کے دریا کو پایا
گوہرِ مقصد ہاتھ آیا، لَاۤ اِلٰہَ اِلَّا اللہ

حَسۡبِیۡ رَبِّیۡ جس نے کہا، فیض کے دریا کو پایا
گوہرِ مقصد ہاتھ آیا، لَاۤ اِلٰہَ اِلَّا اللہ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪلمو شريف مضبوط قلعو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪلمو شريف نهايت ئي مبارڪ وظيفو آهي، هي افضل ترين ذڪر به آهي، اهو ئي ڪلمو پڙهي ڪافر مسلمان ٿيندو آهي، هي ئي مبارڪ ڪلمو سچي دل سان پڙهڻ جي برڪت سان ڪافر جا سيئي گناه ڌوپجي ويندا آهن ۽ اهو جنت جو حقدار بڻجي ويندو آهي. حِلیَۃُ الاَولیاء ۾ آهي: ٻنهي جهانن جا مالڪ ۽ مختار، مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ حضرت جبرائيل جي حوالي سان بيان ڪن ٿا ته الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: بيشڪ مان ئي الله آهيان، مون کان سواءِ ڪوبه معبود ناهي ته منهنجي بندگي ڪيو، توهان مان جيڪو به اخلاص سان لَآاِلٰہَ اِلَّااللہُ جي گواهي ڏيندي مون وٽ آيو اهو منهنجي

[1] ... مسند امام احمد، جلد:7، صفحه:128، حديث:17586.

پناهہ ۾ اچي ويو ۽ جيڪو منهنجي پناهہ ۾ اچي ويو ان کي منهنجي عذاب کان امن ملي ويو.[1]

| | |
|---|---|
| ميں ہوں بندہ وہ مولیٰ کون ہے اپنا اس کے سوا | ميں ہوں اس کا وہ ہے مرا جس نے بنايا اور پالا |

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ اٰمَنَّا بِرَسُوْلِ اللّٰهِ

## ڪلمي شريف جا مختلف نالا

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪلمي شريف لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جا ڪيئي مبارڪ نالا آهن: ❁ هن جو هڪ نالو ڪلمو توحيد بہ آهي. ❁ ڪلمو اخلاص بہ آهي. ❁ ان کي ڪلمو احسان بہ چون ٿا. ❁ ان کي ڪَلِمَةُ التَّقويٰ بہ چون ٿا. ❁ هن مبارڪ ڪلمي جو هڪ نالو: ڪلمۂِ ثابتہ يعني ثابت ٿيل ڪلمو، پڪو ڪلمو، نہ مٽجڻ وارو ڪلمو، هميشہ رهڻ وارو ڪلمو آهي.

## ڪلمو شريف شجر طيّب آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪلمي شريف جي فضائل مان هڪ فضيلت اها بہ آهي تہ الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ هن مبارڪ ڪلمي کي ڪلمو طيّب فرمايو ۽ هن جي مثال پاڪيزه وڻ مان ڏني وئي آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا كَلِمَةً طَيِّبَةً كَشَجَرَةٍ طَيِّبَةٍ اَصْلُهَا ثَابِتٌ وَّ فَرْعُهَا فِي السَّمَآءِ ﴿۲۴﴾ تُؤْتِيْٓ اُكُلَهَا كُلَّ حِيْنٍۭ بِاِذْنِ رَبِّهَا

(پاره:13، سورۂ ابراهيم:24-25)

ترجمو ڪنز العرفان: الله پاڪيزه ڪلمي جو ڪهڙو نہ مثال بيان فرمايو آهي جيئن هڪ پاڪيزه وڻ هجي جنهن جي پاڙ مضبوط هجي ۽ ان جون ٽاريون آسمان ۾ هجن. هر وقت ميوو ڏيندو رهي پنهنجي ربّ جي حڪم سان.

---

[1] ... حِلْيَةُ الْاَوْلِياء، جلد:3، صفحہ:224، حديث:3780.

حضرت ابن عباس رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: هن آيتِ مبارڪ ۾ پاڪيزه ڳالهه مان مراد لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ آهي.[1]

يعني ڪلمو شريف اهو پاڪيزه وڻ آهي جنهن جون پاڙون مسلمانن جي دل ۾ آهن، ان جون شاخون (يعني مسلمانن جون نيڪيون) آسمان تائين پهچنديون آهن. ٻيا وڻ ته اهڙا آهن جيڪي سال ۾ هڪ ڀيرو يا ٻه ڀيرا ميوو ڏيندا آهن پر ڪلمو شريف اهو پاڪيزه ڪلمو آهي جيڪو پنهنجي پڙهڻ واري کي هر لمحي تازو ميوو ڏيندو آهي، ڪلمي شريف جي برڪت سان هر لمحي مسلمان کي تازگي ملندي آهي هر لمحي ان جو ايمان برقرار رهندو آهي، ان جي برڪت سان هر لمحي انسان الله پاڪ جي رحمتن جو مستحق بڻجندو آهي.

## شفاعت جو مستحق ڪير..؟

سيپاري: 16 سورت مريم، آيت:87 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

لَا یَمۡلِکُوۡنَ الشَّفَاعَۃَ اِلَّا مَنِ اتَّخَذَ عِنۡدَ الرَّحۡمٰنِ عَہۡدًا ﴿ۘ۸۷﴾

(پاره:16 ، سورة مريَم:87)

ترجموڪنزالعرفان: ماڻهو شفاعت جا مالڪ نه آهن پر اهي جن رحمٰن وٽ عهد رکيو آهي.

هن آيت سڳوري ۾ فرمايو ويو: ڪوبه شفاعت جو مالڪ ناهي، نه ڪو قيامت جي ڏينهن شفاعت ڪندو، نه ڪنهن جي شفاعت ڪئي ويندي، ها! ڪو آهي جيڪو شفاعت ڪندو ۽ ان جي شفاعت به ڪئي ويندي اهو ڪير آهي؟ هي اهو خوش نصيب آهي جنهن جو ربّ پاڪ وٽ وعدو آهي. صحابي رسول سلطان المفسرين حضرت عبدالله بن عباس رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: هن آيت ڪريم ۾ عهد مان مراد ڪلمي شريف(يعني) جي گواهي ئي ڏيڻ آهي.[2]

---

[1] … تفسير درِّ منثور،پاره13 ،سورة ابراهيم ،زيرِ آيت:24، جلد:5، صفحه: 20۔
[2] … تفسير درِ منثور،پاره13 ،سورة ابراهيم ،زيرِ آيت:24، جلد:5، صفحه:20۔

خبر پئي جيڪو بہ خوش نصيب هن دنيا ۾ سچي دل سان ڪلمو پڙهي ٿو، ان تي ايمان رکي ٿو، ان جي گواهي ڏي ٿو، جيڪڏهن اهو انهي گواهي سان، هن مبارڪ ڪلمي کي دل ۾ سجائي، پنهنجو ايمان سلامت ڪٽي قبر ۾ لهي ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان کي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت نصيب بہ ٿيندي ۽ الله پاڪ اجازت ڏني تہ اهو ٻين مسلمانن جي شفاعت بہ ڪندو.

صحابي رسول حضرت ابوهريره رَضِىَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: مون الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! قيامت جي ڏينهن اوهان جي شفاعت مان حصو ماڻڻ وارا خوش نصيب ماڻهو ڪير هوندا؟ فرمايائون: اي ابوهريره! منهنجو گمان اهو ئي هو تہ توکان پهريان هي ڳالهه مون سان ڪوبہ نہ پڇندو ڇوتہ مان حديث ٻڌڻ جي معاملي ۾ اوهان جي حرص کي ڄاڻان ٿو، (پوءِ فرمايو: اي ابو هريره!) قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ماڻڻ وارو خوش نصيب اهو هوندو جيڪو سچي دل سان لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ چوندو.[1]

| | |
|---|---|
| پیشِ حق مُژدہ شفاعت کا سُناتے جائیں گے | آپ روتے جائیں گے ہم کو ہنساتے جائیں گے |
| ہاں چلو حسرت زدو سنتے ہیں وہ دِن آج ہے | تھی خبر جس کی کہ وہ جلوہ دِکھاتے جائیں گے |
| کچھ خبر بھی ہے فقیرو آج وہ دن ہے کہ وہ | نعمتِ خُلد اپنے صدقے میں لٹاتے جائیں گے |
| وُسعتیں دی ہیں خدا نے دامنِ محبوب کو | جُرم کھلتے جائیں گے اور وہ چھپاتے جائیں گے |
| لو وہ آئے مسکراتے ہم اَسیروں کی طرف | خرمنِ عصیاں پر اب بجلی گراتے جائیں گے (2) |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] ... بخاری،کتاب العلم ،باب الحرص علی الحدیث،صفحہ:100 ،حدیث:99۔

[2] ... حدائقِ بخشش، صفحہ:155 156 ملتقطًا۔

## جهنم حرام ٿي ويندي آهي

حضرت عثمان بن مالڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي، رسول رحمت، شفيع اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو ٻانهو صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا جي خاطر لَآ اِلٰهَ اِلَّا الله چوي، بيشڪ الله پاڪ ان تي دوزخ جي باه حرام فرمائي ڇڏي ٿو.[1]

## ڪلمو شريف جنت جي چاٻي آهي

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنْ مَاتَ وَهُوَ يَعْلَمُ اَنَّهٗ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ دَخَلَ الْجَنَّةِ يعني جيڪو هن حال ۾ مئو جو اهو ڄاڻي ٿو الله پاڪ کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق ناهي تہ اهو جنت ۾ داخل ٿيندو.[2] هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي: پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ثَمَنُ الْجَنّةِ لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ يعني جنت جي قيمت لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ آهي.[3] هڪ روايت ۾ آهي: رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَفَاتِيْحُ الْجَنَّةِ شَهَادَةُ لَآاِلٰهَ اِلَّا الله يعني جنت جون چاٻيون لَآاِلٰهَ اِلَّا الله جي گواهي ڏيڻ آهي.[4]

يعني جنت ۾ مختلف مقامات ۽ مختلف درجا آهن، هنن سڀني درجن جي چاٻي ڪلمو شريف آهي.[5]

## آسمانن ۽ جنت جي چاٻي

مشهور ولي ڪامل حضرت بايزيد بسطامي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہِ هڪ سفر ۾ هئا، ڪيس غيب مان آواز آيو: اي بايزيد! سمعان نالي شهر ۾ ڪافرن جي عبادت گاهہ ۾ وڃ، اتان جي ڪافرن سان گڏ سندن عيد جي اجتماع ۾ شرڪت ڪيو! حضرت

---

1 … بخارى ،كتاب الاطمعة ،باب الخزيرة ،صفحه:1383،حديث:5401

2 … مسلم ،كتاب الايمان، باب الدليل على ان من مات …الخ،صفحه:35 ،حديث:26

3 … مسند فردوس ،جلد:2،صفحه:103 ،حديث:2548

4 … مسند امام احمد ،جلد:9 ،صفحه:151 ،حديث:22736

5 … مراٰة المناجيح،جلد:1 ،صفحه:62 ماخوذاً

بايزيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون هي آواز ٻڌو ته اَعُوْذُ بِاللّٰه پڙهيو، اللّٰه پاڪ کان پناهه طلب ڪئي ۽ ان طرف کان ڌيان هٽائي ڇڏيو پر رات جو جڏهن ستس ته خواب ۾ وري اهو ئي آواز آيو، مان اهو آواز ٻڌي ڏڪندي اٿي پيس، اجا انهي آواز معتلق سوچي رهيو هيس ته مون کي سجاڳي ۾ وري آواز آيو: اي بايزيد توهان کي ڊڄڻ جي ضرورت ناهي، تنهنجو نالو فرمانبردار ٻانهن جي فهرست ۾ آهي، تون ڪافرن وارو لباس پاءِ ۽ ڪافرن جي اجتماع ۾ وڃ! ان ۾ هڪ راز آهي.

حضرت بايزيد بسطامي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هاڻي سمجهي چڪا هئا ته هي آواز شيطان جي طرف کان نه بلڪ رحمٰن جي طرف کان آهي، جيئن ته پاڻ صبح سوير اٿيا ڪافرن جهڙو لباس پاتو ۽ سمعان نالي شهر ۾ ڪافرن جي عبادت گاهه اچي پهتا، اُتي ان وقت ڪيئي ڪافر جمع هئا ۽ پنهنجي سيني کان وڏي عالم جو انتظار ڪري رهيا هئا. ڪجهه ئي دير ۾ انهن جو وڏو عالم اچي پهتو، سيئي ان جي اردگرد جمعي ٿي ويا، ان وڏي عالم کي تقرير ڪرڻي هئي، سيئي حاضرين متوجهه ٿيا پر هي ڇا، هن وڏي عالم تي ڏڪڻي طاري ٿي وئي، سندس وات ۾ ڄڻ ته لغام لڳايو ويو آهي. ان جي اها حالت ڏسي ڪري ماڻهو چوڻ لڳا: اي سردار! اوهان تقرير شروع ڇو نٿا ڪيو؟ اسان توهان جي گفتگو ٻڌڻ جي لاءِ بيقرار آهيون، اهو وڏو عالم چوڻ لڳو: اڄ توهان جي هن اجتماع ۾ هڪ محمدي(يعني آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جو غلام به موجود آهي، اهو توهان جي دين جو امتحان وٺڻ آيو آهي.

پوءِ ان وڏي عالم بلند آواز ۾ چيو: اي محمدي! مان توکي محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو واسطو ڏيان ٿو، جتي به آهين اٿي بيهه! حضرت بايزيد بسطامي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اٿي بينا. هاڻي اهو وڏو عالم چوڻ لڳو: مان توکان ڪجهه سوال ڪندس، جيڪڏهن

صحيح جواب ڏنئي تہ اسان سيئي تنهنجي ڳالھ مجينداسين، جيڪڏهن تون جواب نہ ڏئي سگھين تہ اسان توکي هتي ئي قتل ڪري ڇڏينداسين.

حضرت بايزيد بسطامي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا ولي الله، پائي جا عالمِ دين بہ هئا، پاڻ فرمايائون: جيڪو چاهيو پڇي سگھو ٿا! مان جواب ڏيندس.

انهن ڪافرن جي وڏي عالم سندن کان 61 سوال پڇيا، حضرت بايزيد بسطامي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اتي ئي بيهي انهن 61 سوالن جا صحيح صحيح جواب ارشاد فرمايا. سيني سوالن جا جواب ڏيڻ کان بعد پاڻ فرمايائون: هاڻي توهان منهنجي هڪ سوال جو جواب ڏيو! هي ٻڌايو! آسمانن ۾ جنت جي چابي ڪهڙي آهي؟ ڪافرن جي وڏي عالم چيو: آسمانن ۾ جنت جي چابي ڪلمو شريف لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله آهي. بس! پنهنجي سيني کان وڏي عالم جي زباني هي ٻڌي اتي وينل جيترا بہ ڪافر هئا سڀ جا سڀ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا، جنهن عبادت گاھ ۾ اهي جمع هئا، ان کي مسجد ۾ تبديل ڪيو ويو.[1]

## ڪلمي شريف جا تقاضا پورا ڪرڻ بہ ضروري آهن

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪلمو شريف ڪيترو عظيم ڪلمو آهي، هي پاڪيزه ڪلمو جنت جي دروازي ۾ جنت جي تمام درجن جي چابي آهي. الله پاڪ اسان کي هن پاڪيزه ڪلمي تي استقامت نصيب فرمائي. هي ڳالھ چڱي طرح ياد رهي تہ جنت ۾ وڃڻ جي لاءِ صرف ڪلمو شريف پڙهي وٺڻ ڪافي ناهي، هن جا تقاضا پورا ڪرڻ بہ ضروري آهن، جيئن تہ حضرت زيد بن اَرقم رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنهن اخلاص سان لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چيو، اهو جنت ۾ داخل ٿيندو. صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهم عرض ڪيو:

---

[1] ... الروض الفائق ، المجلس السابع و الاربعون :فی مناقب الصالحين ،صفحہ:270 -273 ماخوذًا و ملتقطًا

يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڪلمي شريف جو اخلاص ڇا آهي؟ فرمايو: هي تہ بانهو الله پاڪ جي حرام ڪيل شين کان بچندو رهي.[1]

هڪ ڀيرو حضرت وهب بن مُنَبِّہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو: ڇا ڪلمو شريف جنت جي چاٻي ناهي؟ فرمايائون: ڇو نہ (ڪلمو شريف جنت جي چاٻي آهي) پر هر چاٻي جا ڏند هوندا آهن، جيڪڏهن توهان انهن ڏندن کان سواءِ تالو کولڻ چاهيندؤ تہ تالو نہ کلندو.[2]

سُبْحٰنَ الله! ڪيتري پياري مثال آهي يعني ڪلمو شريف چاٻي آهي ۽ نماز، روزو، حج، زڪوات وغِيره عبادتون هن چاٻي جا ڏند آهن، لهٰذا ان چاٻي جي ذريعي جنت جو تالو کولڻو آهي تہ نمازون بہ پڙهيون پونديون. روزا بہ رکڻا پوندا، حج فرض هجي تہ اهو بہ ادا ڪرڻو پوندو، زڪوات جون شرطون پاتيون وڃن تہ زڪوات بہ ڏيڻي پوندي، باقي فرائض و واجبات بہ پورا ادا ڪرڻا پوندا، گناهن کان بچڻو پوندو. تڏهن جنت نصيب ٿيندي.

الله پاڪ اسان کي اخلاص سان ڪلمو شريف پڙهڻ، ان کي دل ۾ سجائي رکڻ، ان جا تقاضا پورا ڪرڻ ۽ انهي مبارڪ ڪلمي سان قبر ۾ لهڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

خدایا بُرے خاتِمے سے بچانا
پڑھوں کلمہ جب نکلے دم یاالٰہی!

گناہوں سے بھرپور نامہ ہے میرا
مجھے بخش دے کر کرم یاالٰہی!

تُلیں میرے اعمال میزاں پہ جس دم
پڑے اِک بھی نیکی نہ کم یاالٰہی!

میں تھا لائقِ نارِ دوزخ خدایا
دی جنّت ہے کتنا کرم یاالٰہی!

---

[1] ... معجمِ اوسط،جلد:1،صفحہ:340،حديث:

[2] ... بخاری،کتاب الجنائز ،باب فی الجنائز و من کان ...الخ،صفحہ:354

# حضرت نوح عَلَيهِ السَّلَام جي آخري نصيحت

صحابي رسول حضرت عبد الله بن عمرو رَضِیَ اللّٰه عَنْهما کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله پاڪ جي نبي حضرت نوح عَلَيه السَّلام جو جڏهن آخري وقت آيو تہ پاڻ پنهنجي پٽ کي نصيحت ڪندي فرمايائون: پٽ! مان توکي 2 ڳالهين جو حڪم ڏيان ٿو ۽ 2 ڳالهين کان منع ڪيان ٿو: (1) پٽ! مان توکي حڪم ڏيان ٿو تہ ڪلمي شريف لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جي ڪثرت ڪندا رهو! بيشڪ جيڪڏهن ترازو جي هڪ پلڙي ۾ ست ئي آسمان ۽ ست ئي زمينون رکيون وڃن ۽ ٻي پلڙي ۾ ڪلمي شريف لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ کي رکيو وڃي تہ هن پاڪيزه ڪلمي جو وزن ست ئي زمينن ۽ ستن ئي آسمانن کان وڌي ويندو. (2) پٽ! سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَ بِحَمْدِهٖ جي ڪثرت ڪيو! بيشڪ هي هر شيءِ جي تسبيح آهي ۽ انهي جي برڪت سان مخلوق کي روزي ڏني ويندي آهي ۽ پٽ! مان توکي نصيحت ڪيان ٿو (1) شرڪ ۽ (2) تڪبر کان بچندو رهجان.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي نبي حضرت نوح عَلَيه السَّلام جون هي 4 نصيحتون نهايت ئي اهم آهن، اسان کي گهرجي تہ هنن پاڪيزه نصيحتن کي پنهنجي دل ۾ ويهاريون، ڪلمي شريف جي هميشہ ڪثرت ڪندا رهون، سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَ بِحَمْدِهٖ جي ڪثرت ڪيون جو هي اها تسبيح آهي جنهن جي برڪت سان روزي ملندي آهي ۽ شرڪ ۽ تڪبر کان هميشہ بچندا رهون.

ڪاش لب پر مرے رہے جاری
ذِکر آٹھوں پَہَر ترا یاربّ!
چشمِ تَر اور قلبِ مُضْطَر دے
اپنی اُلفت کی مَے پِلا یا ربّ!(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] ... الادب المفرد، باب الكبر، صفحہ:167، حديث:548

[2] ...وسائلِ بخشش، صفحہ:79۔

## هر ڪلاڪ جي گناهن جو ڪفارو

حضرت ابن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: ڏينهن رات ۾ ڪل چوويهه ڪلاڪ آهن ۽ ڪلمي شريف جا حروف به 24 آهن تہ جيڪو هڪ ڀيرو ڪلمو شريف پڙهندو آهي تہ ان جو هر حرف هڪ ڪلاڪ جي گناهن جو ڪفارو بڻجي ويندو آهي. بس جڏهن ٻانهو هر روز هڪ ڀيرو ڪلمو شريف پڙهندو آهي تہ ان تي ڪوبہ گناهہ باقي ناهي رهندو، تہ جيڪو ان جي ڪثرت ڪندو آهي ۽ انهي کي پنهنجو مشغلو بڻائي ونندو آهي ان جو ڇا مقام ۽ مرتبو هوندو.[1]

## نہ قبر ۾ وحشت، نہ آخرت ۾ عذاب

حضرت ابن عمر رَضِیَ اللهُ عَنْه کان مروي آهي: مصطفيٰ جان رحمت صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ پڙهڻ وارن کي نہ قبر ۾ وحشت ٿيندي ۽ نہ قبرن مان زنده اٿڻ وقت خوف ٿيندو، ڄڻ مان انهن کي ڏسي رهيو آهيان، جڏهن اهي پنهنجي مٿي تان مٽي ڇنڊيندي قبرن مان نڪرندا ۽ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ چوندي جنت ۾ داخل ٿي ويندا، پوءِ اهي چوندا: اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِیۡ اَذۡهَبَ عَنَّا الۡحُزۡنَ، اِنَّ رَبَّنَا لَغَفُوۡرٌ شَکُوۡرٌ يعني سيئي خوبيون الله پاڪ جي لاءِ آهن جنهن اسان کان غمن کي دور ڪيو.[2] بيشڪ اسان جو ربّ بخشڻ وارو، شڪر قبول ڪرڻ وارو آهي.[3]

## ڪلمو شريف پڙهڻ وارا الله پاڪ جا محبوب آهن

الله پاڪ جا پيارا محبوب صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمائن ٿا: قيامت جي ڏينهن الله پاڪ (ملائڪن) کي فرمائيندو: ڪلمو شريف پڙهڻ وارن کي منهنجي قريب

---

[1] ... الروض الفائق ،المجلس السابع و الاربعون :فی مناقب الصالحین ،صفحہ:273

[2] ... معجمِ اوسط،جلد:6 ،صفحہ:480 ،حدیث:9478۔

[3] ... احیاء علوم الدین،کتاب الاذکار و الدعوات ،الباب الاول، جلد:1 ،صفحہ:392

ڪيو ۽ منهنجي عرش جي سايي ۾ جڳهه ڏيو بيشڪ مان انهن کان محبت ڪيان ٿو.[1]

## ڪلمو شريف افضل ذڪر آهي

اي عاشقانِ رسول! ڪلمو شريف نهايت طاقتور وظيفو آهي، حديث پاڪ ۾ ان کي افضل ذڪر فرمايو ويو، جيئن ته رسول خدا، احمد مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اَفْضَلُ الذِّكْرِ:لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَ اَفْضَلُ الدُّعَاءِ: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ يعني سيني کان افضل ذڪر: ڪلمو شريف لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ آهي ۽ سيني کان افضل دعا: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ آهي.

مشهور مفسر، حڪيم الامت، مفتي احمديارخان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث شريف جي وضاحت فرمائن ٿا: لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مان مراد پورو ڪلمو شريف آهي يعني مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله نه ته صرف لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ ته ڪيئي مُوحّد ڪافر بلڪ ابليس به پڙهندو آهي، ان سان اهي مشرڪ ئي رهندا آهن مُوَحّد ناهن بڻبا. جنهن شيءِ سان مؤمن بڻجندا آهن اهو آهي مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله جوته ڪلمي شريف سان ڪفر جي گندگي پري ٿيندي آهي. ان کي پڙهي ڪري ڪافر مؤمن ٿيندو آهي، ان کان دل جو زنگ پري ٿيندو آهي، ان کان غفلت ويندي آهي، دل ۾ بيداري ايندي آهي هي حمدِ اِلٰهي ۽ نعت مصطفوي جو مجموعو آهي انهي ڪري هي افضل الذڪر ٿيو. صوفياءِ ڪرام فرمائن ٿا ته دل جي صفائي جي لاءِ ڪلمو شريف نهايت مفيد آهي.[2]

## ڪلمو شريف بارگاهِ الٰهي ۾ پهچي ويندو آهي

صحابي رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، بيبي آمنه جي

---

[1] ... مسند فردوس ،جلد:5 ، صفحه:236، حديث: 805

[2] ... مرآة المناجيح، جلد:3 ،صفحه:342.

لال، رسول بي مثال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جڏهن ٻانهو چوندو آهي: لَا اِلٰهَ اِلَّا الله تہ هي مبارڪ ڪلمو ان جي وات مان ادا ٿي ڪري آسمانن کي چيريندي الله پاڪ جي بارگاھ ۾ حاضر ٿي ويندو آهي. الله پاڪ فرمائيندو آهي: اُسْكُنْ يعني اي ڪلما شريف! پُرسڪون ٿي وڃ! ٻانهي جي واتان ادا ٿيڻ وارو ڪلمو شريف عرض ڪندو آهي: اي الله پاڪ! مان پُرسڪون ڪيئن ٿيان جڏهن تہ ٻانهي مونکي پڙهيو آهي ان جي اجا تائين مغفرت ناهي ڪئي وئي. الله پاڪ فرمائيندو آهي: اي ڪلما شريف! جنهن گهڙي ۾ هن ٻانهي توکي پڙهيو هو مون انهيءَ وقت هن جي مغفرت ڪري ڇڏي هئي.[1]

الله اڪبر! پياراپيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو! ڪلمو شريف ڪيترو عظيم الشان وظيفو آهي. هيڏانهن ٻانهو ڪلمو شريف پڙهندو آهي، هوڏانهن ان جي مغفرت ٿي ويندي آهي. ڪاش! اسان کي فضول گوئي کان نجات ملي وڃي، اسان جيڪو هر وقت هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين ۾ لڳل هوندا آهيون، ڪڏهن غيبت، ڪڏهن چغلي، ڪڏهن گناهن ڀريون ڳالهيون، ڪڏهن فضول گفتگو ڪري رهيا هوندا آهيون، ڪاش! هن کان نجات ملي ۽ اسان ڪلمو شريف پڙهڻ وارا بڻجي وڃون، زبان تي ذڪر ۽ درود سجائڻ وارا بڻجي وڃون.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

میری زبان تر رہے ذِکر و دُرُود سے
بے جا ہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فُضُول(2)

[1] ... مسند فردوس، جلد:1، صفحہ:285، حديث:1119
[2] ...وسائلِ بخشش، صفحہ:243۔

## اُحد جبل جيترو ثواب

حضرت عمران بن حُصَين رَضِیَ اللهُ عَنْه کان آهي، رسول اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا توهان طاقت نٿا رکو جو روزانو اُحد جبل جيترو عمل ڪيو، صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْھم عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان مان ڪير ايئن ڪري سگهي ٿو؟ فرمايائون: توهان سڀئي ان جي طاقت رکو ٿا. پوءِ فرمايائون: هڪ ڀيرو سُبْحٰنَ الله چوڻ اُحد جبل کان وڏو آهي، هڪ ڀيرو لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ چوڻ اُحد جبل کان وڏو آهي، هڪ ڀيرو اَللهُ اَكْبَر چوڻ اُحد جبل کان وڏو آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! اندازو لڳايو! ڪيترو ثواب آهي. هڪ ڀيرو سُبْحٰنَ الله! چوڻ ۾، هڪ ڀيرو لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ چوڻ ۾ هڪ ڀيرو اَللهُ اَكْبَر چوڻ ۾ دير ئي ڪيتري لڳي ٿي ۽ ان جو ثواب ڪيترو آهي؟ اُحد جبل کان وڌيڪ...... پر افسوس! اسان کي فضول گوئي کان فرصت ملي تہ ذڪر الله ڪيون..!!

وہ تو نہایت سَستا سودا بیچ رہے ہیں جنّت کا
ہم مُفلس کیا مَول چُکائیں اپنا ہاتھ ہی خالی ہے(2)

## غم ۽ پريشاني کان نجات جو وظيفو

صحابي رسول حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، بيبي آمنہ جي لال، رسول بي مثال صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو ٻانهو هي چئي: لَا

[1] ... سننِ ڪبریٰ للنسائی، جلد:9، صفحہ:308، حدیث: 10604
[2] ...حدائقِ بخشش، صفحہ:186۔

اِلٰهَ اِلَّا اللهُ قَبْلَ كُلِّ شَیۡءٍ، وَ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ يَبْقٰی وَ يَفْنٰی كُلُّ شَیۡءٍ (يعني هر شي کان پهريان لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ آهي ۽ هر شيءِ فنا ٿي ويندي پر لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ باقي رهندو) ان کي غم ۽ پريشاني کان محفوظ رکيو ويندو.[1]

الله پاڪ اسان کي ڪلمي شريف جي ڪثرت ڪرڻ، زبان کي ذڪر ۽ درود سان تر رکڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

## سڪرات جي وقت ڪلمي شريف جي تلقين ڪيو!

تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبوت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: لَقِّنُوۡا مَوۡتَاكُمۡ لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ پنهنجي مڙدن کي لَا اِلٰهَ اِلَّا اللهُ جي تلقين ڪيو.[2] يعني جيڪو مري رهيو آهي حالتِ سڪرات ۾ آهي ان کي ڪلمو شريف سيکاريو اهڙي طرح جو هن وٽ بلند آواز سان ڪلمو پڙهو.[3]

## ڪلمي جي تلقين جو طريقو

صدرالشريعه بدرالطريقه مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: سڪرات جي حالت ۾ جيستائين روح نڙي تائين نه آئي (هجي) مرڻ واري کي تلقين ڪيو يعني ان وٽ بلند آواز سان اَشۡهَدُ اَنۡ لَّآاِلٰهَ اِلاَّ اللهُ وَاَشۡهَدُ اَنَّ مُحَمَّداً رَّسُوۡلُ اللهِ پڙهو پر ان کي (يعني مرڻ واري کي) ان جي چوڻ جو حڪم نه ڪيو. جڏهن ان (يعني مرڻ واري) ڪلمو پڙهي ورتو ته تلقين موقوف ڪري ڇڏيو. ها جيڪڏهن

---

[1] ... ترتيب الامالی الخميسية للشجری ،جلد:1،صفحه:38، حديث:119۔

[2] ... مسلم ،کتاب الجنائز ،باب تلقين الموتی لا اله الا الله،صفحه:329، حديث:916۔

[3] ... مرآة المناجيح ،جلد:2،صفحه:444۔

كلمو پڙهڻ كان بعد ان كا ڳالھ ڪئي تہ پوءِ تلقين ڪيو جو ان جو آخري ڪلام لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰه هجي.[1]

## ڪلمو شريف ايصال ثواب ڪيو!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڪلمو شريف پاڻ بہ پڙهو ۽ خوب پڙهو! ۽ گڏوگڏ ئي هن مبارڪ ڪلمي جو ثواب پنهنجي مُڙدن ڪي بہ ايصال ڪيو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جون بہ وڏيون برڪتون آهن.

هڪ ڀيري سيّدي اعلي حضرت امام اهلسنت شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه كان ڪنهن پڇيو: هڪ شخص جي ڏيءَ جو انتقال ٿي ويو، ان پنهنجي نياڻي ڪي خواب ۾ بُري حالت ۾ ڏٺو. سيدي اعلي حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: ڪلمو شريف 70 هزار ڀيرا درود شريف سان گڏ پڙهي ڪري بخشيو وڃي، اِنْ شَآءَ اللّٰه پڙهڻ واري ۽ جنهن ڪي بخشيو آهي، بنهي جي لاءِ نجات جو ذريعو ٿيندو ۽ پڙهڻ واري ڪي ٻيڻو ثواب ملندو ۽ جيڪڏهن ٻن ڪي بخشيندو تہ ٽي ڀيرا وڌيڪ اهڙي طرح ڪروڙين بلڪ جميع مؤمنين و مؤمنات ڪي ايصال ثواب ڪري سگهي ٿو. انهي نسبت سان ان پڙهڻ واري ڪي ثواب ٿيندو.[2]

## ڪلمو شريف بخشڻ جي برڪت

حضرت شيخ اڪبر محي الدين ابن عربي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ هنڌ دعوت تي تشريف وٺي ويا، پاڻ ڏٺائون تہ هڪ ڇوڪرو کاڌو کائي رهيو آهي،کاڌو کائيندي اوچتو روئڻ لڳو. روئڻ جو سبب پڇڻ تي ٻڌائين منهنجي امڙ ڪي جهنم جو حڪم آهي ۽ ملائڪ ان ڪي وٺيو پيا وڃن. (ان شهر ۾ هي ڇوڪرو ڪشف ۾ مشهور

---

[1] ... بہارِ شریعت ،جلد:1 ،صفحہ:808 ،حصہ:چہارم بتغیر قلیل
[2] ... ملفوظاتِ اعلی حضرت ،صفحہ:

هو). حضرت شيخ اڪبر محي الدين ابن عربي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ اهو ئي ڪلمو شريف 70 هزار پيرا پڙهيل محفوظ هيو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان جي ماءُ ڪي دل ئي دل ۾ ايصال ثواب ڪري ڇڏيو. فوراً اهو ڇوڪرو ڪلڻ لڳو. پاڻ ان کان ڪلڻ جو سبب پڇيو، ڇوڪري جواب ڏنو تہ حضور مون هاڻي ڏٺو تہ منهنجي ماءُ کي ملائڪ جنت جي طرف وٺي وڃي رهيا آهن. شيخ ارشاد فرمايو: هن حديث پاڪ جي تصديق مون کي ان ڇوڪري جي ڪشف ذريعي ٿي ۽ ان جي ڪشف جي تصديق هن حديث مان.

الله پاڪ اسان کي بہ ڪلمو شريف پڙهڻ دل سان ان تي ايمان رکڻ، هن تي ثابت قدم رهڻ ۽ پڙهي پڙهي ڪري مئلن کي بخشيندو رهڻ جي توفيق عطا فرمائي

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ ، نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور حِصو وٺو! دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ هڪ ڪم آهي : فجر جي لاءِ بيدار ڪرڻ. ياد رهي! نمازِ فجر جي لاءِ ماڻهن کي جاڳائڻ آخري نبي، نبيءِ اُمّي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنَّت آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي کان وابستہ عاشقانِ رَسول سرڪارِ عالي وقار مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنَّت تي عمل جي جذبي جي تحت صبح فجر جي نماز کان پهريان گهٽي گهٽي وڃي بلند آواز کان درود وسلام پڙهندي ۽ ماڻهن کي بستر ڇڏي نمازِ فجر جي لاءِ دعوت

ڏيندا آهن. اوهان بہ هن ديني ڪم ۾ حِصّو وٺو، صبح جلدي اُٿو، الله پاڪ نصيب ڪري تہ نمازِ تهجد ادا ڪريو، ذِڪر ۽ درود ڪريو، اذانِ فجر کان بعد مدني مرڪز جي ڏنل طريقيڪار مطابق ماڻهن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳايو، هن عَمَل جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللّٰه! ڪوڙ ثواب هٿ ايندو.

## آخري وقت ۾ ڪلمو نصيب ٿي ويو...!!

پنجاب، ضلعي اوڪاڙه جي شهر ديپالپور جي هڪ اسلامي ڀاء جو بيان آهي: منهنجو چاچو محمد رفيق عطاري دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ۽ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَڪَاتُهُمُ العَالِيَه جو مُريد هو، ماڻهن کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ ان جو معمول هو، صبح جلدي اُٿي پري پري تائين وڃي مسلمانن کي نمازِ فجر جي لاءِ بيدار ڪندو هو، هن عادَت جي ڪري پوري ديپالپور ۾ مشهور هو، هڪ ڀيري فيصل آباد کان واپس گهر موٽي رهيو هو نمازِ عشاء جو وقت ٿيو تہ گاڏي روڪي نماز ادا ڪئي ۽ ٻيهر سفر تي روانا ٿيا، گاڏي پنهنجي رفتار سان وڃي رهي هئي، اوچتو محمد رفيق عطاري بلند آواز کان ڪلمو پڙهيو ۽ فرمايائون: سڀئي ڪلمو پڙهو، سڀني ڪلمو پڙهيو، ٿوري دير گذري تہ اوچتو گاڏي کي زور دار جهٽڪو لڳو ۽ گاڏي کائي ۾ وڃي ڪري، سڀئي ماڻهو معمولي زخمي ٿيا پر محمد رفيق عطاري کي شديد زخم آيا، سخت تڪليف جي باوُجود سندن زبان تي ڪلمو شريف جاري هو ۽ ماشَآءَ الله! قسمت ڏسو! ڪلمو پڙهندي پڙهندي ئي دُنيا مان موڪلائي ويا.

فضل وکرم جس پر بھی ہوا، لب پر مرتے دَم کلمہ | جاری ہوا، جنت میں گیا، لَآاِلٰہَ اِلَّااللہ

## اوقاتِ نماز (Prayer Times) ايپ جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي آئي، ٽي ڊپارٽمنٽ هڪ نهايت پياري

موبائل ايپلي ڪيشن بنام اوقاتِ نماز (*Prayer Times*) جاري ڪئي آهي۞ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي سڄي دنيا ۾ ڪنهن بہ مقام جي اوقات ۽ سمتِ قبلہ معلوم ڪري سگهجن ٿا ۞ هن کان علاوه پنج نمازن جي وقتن بابت ماهوار ٽائم ٽيبل ۞ اذڪار (روحاني علاج) ۞ مدني چينل ريڊيو ۞ نماز جي اوقات ۾ موبائل کي سائلنٽ (*Silent*) ڪرڻ جي سهولت ۽ اسلامي ڪيلنڊر موجود آهي. پنهنجي موبائل ۾ هي ايپليڪيشن انسٽال ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنّشاهِ نُبُوت صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي:

مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّة

يعني جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنّت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## شڪر ڪرڻ سُنّت آهي

فرامينِ مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): الله ڪريم کي اها ڳالھ پسند آهي تہ ٻانهو هر گرھ ۽ هر ڍڪ تي الله ڪريم جو شڪر ادا ڪري. (2): پنهنجون زبانون ذڪر سان ۽ دل شُڪر سان تر رکو!

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! شُڪر ڪرڻ سُنّت آهي ۞ الله جي آخري نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪثرت سان شڪر ڪندا هئا ۞ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن ناشڪري نہ ڪئي ۞ شڪر اعليٰ عبادت آهي ۞ شڪر ڪرڻ سان نعمت ۾

[1] ... مرشکاة الصابيح،کتاب الايمان،باب الاعتصام بالکتاب والسنة،الفصل الثانی،۱/۵۵،حديث:۱۷۵

اضافو ٿيندو آهي ۞مسلمان کي نعمت ملي، تہ شکر ڪري، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ الله! عذاب کان محفوظ رهندو

شڪر ڪرڻ جو طريقو: ۞ حضرت ابو بکر شبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نعمت کي ڏسڻ بدران، نعمت ڏيڻ واري تي نظر رکڻ شڪر آهي. مثلاً اوهان کي سيلري ملي، هي بہ نعمت آهي، امتحان ۾ پاس ٿيا، پٽ يا ڌيءَ جي ولادت ٿي، نماز جي توفيق ملي، روزو رکڻ جي سعادت ملي، صدقو ڏنو وغيره ڪا بہ نعمت ملي تہ هاڻي ان نعمت تي نگاهہ نہ رکجي بلڪ سوچي: الله هي نعمت عطا ڪئي، نعمت جي نسبت پنهنجي طرف نہ ڪريو، الله پاڪ جي طرف ڪريو ۞ امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نعمت سان نيڪي جو ارادو ڪرڻ **دِل جو شڪر** آهي. زبان سان الله پاڪ جي حمد ۽ ثناء ڪرڻ **زبان جو شڪر** آهي. الله ڪريم جي ڏنل نعمت کي عِبَادت ۾ خرچ ڪرڻ، ان کي گُنَاهہ ۾ استعمال ٿيڻ کان بچائڻ **باقِي اعضاء** جو شڪر آهي .

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

الفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خدا
گر مدینے کا غم چاہئے چشمِ نَم

چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِ نَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُود شريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَهِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455